هفتيوار رسالو

امير اهل سُنت جو تقريباً 6 سال پهريان (1441) جو بيان

# الله جو خوف

- سُورتُ التَّكاثُر جا مضمون
- ابن آدم جو مال
- ٻہ قسمن جي نعمت
- 12 سال تائين حساب و ڪتاب


شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العالیه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: الله جو خوف
ڇاپو پهريون: شوال 1447ھ، اپريل 2026ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# الله جو خوف

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

فهرست

# الله جو خوف


درود شريف جي فضيلت ........ 1
خوفِ اِلاهي جي تلوار سان شهيد ........ 2
سورۃُ التَّکاثُر جا مضمونَ ........ 3
جيکو روئندو اُهو جنت ۾ داخل ٿيندو ........ 4
هڪ هزار آيتون پڙهڻ جو ثواب ........ 5
اِبنِ آدم جو مال ........ 6
قيامت جي ڏينهن 5 شين جي باري ۾ سوال ........ 6
”گهٽي بارَ“ جي تعريف ........ 7
هڪ درهم ٻه ڪون هو ........ 10
آيت مبارڪ جي تفسير ۾ ٽي قولَ ........ 12
نعمتن جا ٻه قسم ۽ آخرت جا سوال ........ 13
هاءِ! عمدا ۽ لذيذ کاڌا ........ 13
مال ڪائڻ جا شوقين غور فرمائن ........ 14
سڪرات جي تڪليفن جي جهلڪ ........ 15
نعمتن جي حساب جي باري ۾ 9 لرزه خيز فرامينِ مصطفيٰ ........ 15
نعمتن جي حساب متعلق بزرگانِ دين جا 3 اقوال ........ 17
12 سالن تائين حساب ڪتاب ........ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# الله جو خوف (1)

**دعاءِ عطار:** يا رب كريم جيڪو بہ **16** صفحن جو رسالو "**الله جو خوف**" پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجو حقيقي خوف عطا ڪري، ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت امام محمد بن عبدالرحمٰن سَخاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ: الله پاڪ حضرتِ موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ مان تو ۾ ڏهہ هزار ڪَنَ پيدا ڪيا، تان جو تو منهنجو ڪلام ٻڌو ۽ ڏهہ هزار زبانون پيدا فرمايون، جن جي ذريعي تو مون سان گفتگو ڪئي. تون مون کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ۽ ويجهو ان وقت ٿيندين، جڏهن تون منهنجو ذڪر ڪندين ۽ محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي ڪثرت سان درود پڙهندين. (القول البديع، ص 275، 276)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 اميرِاهلِسنّت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمدالياس عطار قادري دامت بَرَڪاتُهمُ العاليه 26 ربيع الاول **1441ھ** تي مدني مذاڪري ڪان پهريان عاشقانِ رسول جي اڳيان خوفِ خدا جي موضوع تي هي بيان فرمايو، اَلحمدُ لِلّٰه! شعبو هفتيوار رسالو هن بيان کي رسالي جي صورت ۾ پيش ڪري رهيو آهي. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم بہ فرمايو. (شعبو هفتيوار رسالو)

# خوفِ اِلاهي جي تلوار سان شهيد

هڪ بزرگ ڪنهن مدرسي جي ٻاهران هڪ ٻار ڏٺو، جيڪو روئي رهيو هو. پڇا ڪرڻ تي اُن ٻارَ ٻڌايو تہ اڄ اسان جي استاد صاحب سبق ۾ تختيءَ تي قرآن پاڪ جون ڪجهہ آيتون لکرايون آهن، جيڪي مون کي روئاري رهيون آهن. ائين چئي هُن تختي اڳيان وڌائي ڏيکاري، جنهن تي هي آيتون لکيل هيون:

اَلۡهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ ؕ﴿۲﴾ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ﴿۳﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ؕ﴿۴﴾ كَلَّا لَوۡ تَعۡلَمُوۡنَ عِلۡمَ الۡيَقِيۡنِ ؕ﴿۵﴾

(پارو: 30، سورة تڪاثر: 1-5)

ترجموڪنزالعرفان: وڌيڪ مال جمع ڪرڻ جي طلب توهان کي غافل ڪري ڇڏيو. ايستائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو. هائو هائو هاڻي جلد ئي ڄاڻي ويندؤ. پوءِ يقينًا توهان جلد ئي ڄاڻي ويندؤ. يقينًا جيڪڏهن توهان يقيني علم سان ڄاڻو ها (تہ مال سان محبت نہ رکو ها).

اهو ٻار لڳاتار روئي رهيو هو، اُهي بزرگ سندس اِها رقت ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ کيس فرمايائون: پٽ! هن سورت جو سبق صرف هتي ئي پورو نہ ٿو ٿئي، پر اڳتي بہ آهي، جيڪو شايد توکي سڀاڻي ڏنو وڃي. ائين چئي هنن سورةُالتَّكَاثُر جون بقايا آيتون بہ پڙهي ٻڌايون، جيڪي هي آهن:

لَتَرَوُنَّ الۡجَحِيۡمَ ۙ﴿۶﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيۡنَ الۡيَقِيۡنِ ۙ﴿۷﴾ ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ﴿۸﴾ (پارو: 30، سورة تڪاثر: 6-8)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ توهان ضرور جهنم کي ڏسندؤ پوءِ بيشڪ توهان ضرور ان کي يقين جي اک سان ڏسندؤ پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو.

جهنم جو تذڪرو ٻڌي، اُهو ٻار ڪَنبڻ لڳو ۽ ڏڪندي ڏڪندي ڪِري پيو ۽ تڙپڻ لڳو آخرڪار تڙپندي تڙپندي سندس ساهُ نڪري ويو. سندس استاد ڊوڙندو آيو ۽ ان بزرگ کي پڪڙي ورتو، ماڻهو گڏ ٿي ويا، مرحوم ٻار جا ماءُ پيءُ بہ اچي پهتا. اُنَ بزرگ کي قاتل سمجهي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. جڏهن قاضي صاحب کانئن وضاحت گهري تہ انهن سچو واقعو ٻڌايو. اِهو ٻڌي قاضي صاحب فرمايو: هي ٻار انتهائي سعادتمند هو ۽ الله جي خوف جي تلوار سان شهيد ٿيو آهي. ان کان پوءِ ان بزرگ کي باعزت آزاد ڪيو ويو. (نزهة المجالس، 94/2، ملخصاً)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

پیارے بچّے کے خوفِ خدا پر فِدا　　سنتے ہی آیتیں ڈھیر جو ہو گیا
کاش مل جائے مجھ کو بھی ایسی وِلا　　میرے مرنے کا باعث ہو خوفِ خدا

## سورةُ التَّکاثُر جا مضمونَ

قرآن مجيد جي ٽِيهين سِيپاري ۾ موجود سورةُ التَّکاثُر جو بنيادي مضمون هي آهي تہ هن سورت ۾ صرف دنيا جي بهتري لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي مذمت بيان ڪئي وئي آهي ۽ آخرت جي تياري نہ ڪرڻ تي تنبيهہ ڪئي وئي آهي. جنهن جو تفصيل ڪجهہ هن ريت آهي: **(1):** هِن سورت جي شروعات ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ وڌيڪ مال گڏ ڪرڻ جي حرص ماڻهن کي آخرت جي تياري کان غافل ڪري ڇڏيو ۽ اِهو حرص سندن دلين ۾ موجود رهيو ايسيتائين جو کين موت اچي ويو. **(2):** هي بيان ڪيو ويو آهي تہ وڌيڪ مال گڏ ڪرڻ جو حِرص رکڻ وارن

ماڻهن کي موت جي وقت پنهنجو انجام معلوم ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن هو ان جو انجام يقيني علم سان ڄاڻن ها تہ ڪڏهن بہ مال سان محبت نہ رکن ها **(3):** هن سورت جي آخر ۾ هي ٻڌايو ويو آهي تہ مال جو حرص رکڻ وارا مرڻ کان پوءِ ضرور جهنم کي ڏسندا ۽ قيامت جي ڏينهن ماڻهن کان نعمتن جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي. (تفسير صراط الجنان، 808/10)

## جيڪو روئندو اُهو جنت ۾ داخل ٿيندو

حضرتِ سيدنا جرير بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي فرمايو تہ: مان توهان جي سامهون سورۃُ التَّکَاثُر پڙهان ٿو، توهان مان جيڪو روئندو، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اها سورت تلاوت فرمائي. اسان مان ڪي رُنا ۽ ڪي نہ رُنا. جيڪي نہ روئي سگهيا، انهن عرض ڪيو يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان روئڻ جي ڪوشش ڪئي، پر روئي نہ سگهياسين. سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مان توهان جي سامهون اُها سورت ٻيهر پڙهان ٿو. جيڪو روئندو، ان جي لاءِ جنت هوندي، ۽ جيڪو روئي نہ سگهي، اُهو روئڻ جهڙي شڪل ئي بڻائي. (نوادر الاصول، 81/4، حديث: 862) ڪاش! اسان هن مبارڪ سورت جو ترجمو ياد ڪري وٺون، پوءِ جڏهن بہ هن سورت کي پڙهون يا ٻڌون تہ الله پاڪ جي خوف ۾ روئڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي. بهرحال هن روايت ۾ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو نهايت انوکي انداز ۾ رقت انگيز بيان آهي. هِن روايت مان اِهو پڻ معلوم ٿيو تہ

منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سان جنهن کي چاهن جيڪو چاهن اُهو عطا فرمائي ڇڏين. تڏهن ئي تہ فرمايائون: جيڪو روئندو، اُهو جنت ۾ داخل ٿيندو.

## هڪ هزار آيتون پڙهڻ جو ثواب

اي عاشقانِ رسول! سورۃُالتَّکاثُر پڙهڻ واري کي هڪ هزار آيتون پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي. جيئن تہ حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا توهان مان ڪو اِها طاقت نہ ٿو رکي تہ هو روزانو هڪ هزار آيتون تلاوت ڪري؟ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: اِن جي طاقت ڪير رکي سگهي ٿو؟ ارشاد فرمايائون: ڇا توهان مان ڪو روزانو سورۃُالتَّکاثُر پڙهڻ جي طاقت نہ ٿو رکي؟ (يعني هن سورت کي پڙهڻ ثواب ۾ هڪ هزار آيتون پڙهڻ جي برابر آهي). ( مستدرک، 276/2،حديث: 2127)

حڪيم الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: هن سورت جي تلاوت ۾ هڪ هزار آيتن جي تلاوت ۽ عمل جو ثواب آهي. قرآن ڪريم ۾ ڇهہ هزار ڇهہ سئو ڇاهٺ (6666) آيتون آهن. جيڪڏهن وَڏيل آيتون نہ ڳڻجن تہ ڇهہ هزار آيتون باقي بچن ٿيون ۽ قرآن پاڪ جا مقصد 6 آهن، جن مان هڪ آخرت جي سجاڳي آهي، جيڪو سورۃُالتَّکاثُر ۾ موجود آهي. يعني هيءَ سورت ڄڻ تہ قرآن پاڪ جو تقريباً ڇهون حصو آهي. هن سورت ۾ غور ڪرڻ سان دنيا کان بي رغبتي ۽ آخرت ڏانهن رغبت پيدا ٿيندي آهي، جنهن جي ڪري نفس گناهن کان نفرت ڪرڻ لڳندو آهي ۽ نيڪين ڏانهن

مائل ٿي ويندو آهي. (مرأة المناجيح،262/3)

## اِبنِ آدم جو مال

حضرت مُطَرِّف رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ: مان رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. ان وقت پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سورۃُ التَّکاثُر جي تلاوت فرمائي رهيا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِبنِ آدم چوندو رهندو آهي تہ: **منهنجو مال**، **منهنجو مال**. اي ابنِ آدم! تنهنجو مال تہ فقط اُهو آهي، جيڪو تو کائِي کپائي ڇڏيو يا پائي پراڻو ڪري ڇڏيو يا صدقو ڪري اڳتي موڪلي ڏنو. (مسلم، ص1210، حديث: 7420)

## قيامت جي ڏينهن 5 شين جي باري ۾ سوال

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن انسان تيستائين قدم نہ کڻي سگهندو، جيستائين هنن پنجن سوالن جا جواب نہ ڏئي وٺي: **(1):** تو پنهنجي زندگي ڪيئن گذاري؟ **(2):** جواني ڪيئن گذاري؟ **(3):**مال ڪٿان ڪمايو؟ **(4):** ۽ ڪٿي ڪٿي خرچ ڪيو؟ **(5)** پنهنجي علم مطابق ڪيترو عمل ڪيو؟ (ترمذی،188/4،حديث:2424) هيءَ ڏاڍي خوف واري ڳالهہ آهي تہ اڄ اسان پنهنجي زندگي جي باري ۾ غفلت جو شڪار آهيون. جوان تہ جوان پر پوڙها بہ غفلت جو شڪار آهن. انهن کي بہ اِهو احساس نہ آهي تہ هاڻي ڪا بِي واهہَ نہ آهي، هاڻي موت اچڻو ئي اچڻو آهي. جوانن کي بہ سوچڻ گهرجي تہ انهن کان بہ پڇا ڪئي ويندي تہ جواني ڪهڙن ڪمن ۾ گذاري؟ اهڙي طرح مال تہ ماڻهو وڏي شوق سان ڪمائي رهيا آهن ۽ اِهو بہ نہ ڏسندا آهن تہ اُهو مال ڪٿان اچي رهيو آهي. ڇا جو حلال، ڇا جو حرام، بس جيڪو

ملي رهيو آهي اُهو حاصل ڪري ونو. تنهنڪري ڪيس جيترو مال ملي رهيو آهي ماڻهو اوترو ڳڏ ڪري رهيو آهي، جڏهن تہ اِهو دستور آهي تہ جيترو مال وڌيڪ هوندو آهي، اوترو وبال بہ وڌيڪ هوندو آهي. سفر ۾ بہ اهوئي اصول ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ بس يا ريل ۾ جنهن وٽ وڌيڪ سامان هوندو آهي، اهو اوترو ئي وڌيڪ پريشان ٿيندو آهي. اهڙي طرح جيڪي ماڻهو هوائي جهاز وسيلي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ سفر ڪندا آهن، انهن کي تجربو هوندو تہ گهٽي سامان وارا ماڻهو ڪسٽم وغيره ۾ ڪيتري تڪليف ۽ پريشاني کي منهن ڏيندا آهن. اهڙي طرح، جنهن وٽ دنيا جي مال جو بار گهٽ هوندو، ان جي لاءِ آخرت ۾ آساني رهندي، جيئن:

## ”گهٽي بارَ“ جي تعريف

حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ الله پاڪ جا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو هٿ پڪڙي تشريف ڪٺي آيا ۽ انهن کي فرمايائون: اي ابوذر! ڇا توکي خبر آهي تہ اسان جي اڳيان هڪ سخت وادي آهي، جنهن مان رڳو ٿوري وزن وارا ئي گذري سگهندا؟ هڪ شخص عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا مان گهٽي وزن وارن مان آهيان يا هلڪي وزن وارن مان؟ فرمايائون: ڇا تو وٽِ اڄ جو کاڌو آهي؟ هن عرض ڪيو: جي ها. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا سڀاڻي جو کاڌو بہ آهي؟ ان شخص عرض ڪيو: جي ها. پوءِ فرمايائون: ڇا ٻئي ڏينهن جو کاڌو بہ آهي؟ عرض ڪيو ويو: جي نہ! جنهن تي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن تو

وتِ ٿن ڏينهن جو ڪاڌو هجي ها تہ تون گهٽي وزن وارن مان هجين ها. (معجم اوسط، 348/3، حديث: 4809)

اسان وٽ ٽن ڏينهن جي ڪاڌي جي ذخيري جي تہ ڳالهہ ئي نہ آهي! صرف حرص سبب مختلف قسم جي کاڌن سان فرج ڀريل هوندي آهي ۽ بغير ضرورت جي هر شيءِ جو ڍير لڳو پيو هوندو آهي. هاءِ! اسان حريصن جو ڇا ٿيندو؟ دولت جي فراوانيءَ جو بار، وڏيڪ مال گڏ ڪرڻ جي هَوَس جو بار، ڪيترن ئي دڪانن ۽ ڪارخانن جو بار، نہ صرف ايترو پر مختلف گناهن جو بہ بار جهڙوڪ وياج ۽ رشوت جو بار، دوکي بازي جو بار، ٻين جو مال ناجائز طريقي سان هڙپ ڪرڻ جو بار. هاءِ! هاءِ! هاڻي تہ اسان جي مٿان صرف بار ئي بار آهي. هاءِ! ايڏو وڏو بار هوندي اسان جي پل صراط تان گذرڻ جي ڪهڙي صورت هوندي. (پل صراط کی دہشت،ص11)

هي دنيا جو مثال آهي تہ جيترو مال وڌيڪ، اوترو دنيا ۾ بہ وبال وڌيڪ. جيتري دولت وڌيڪ، اوترو ئي چورن، ڌاڙيلن ۽ ڦورن جو خطرو وڌيڪ. ان سان گڏوگڏ پَتي خورن طرفان ڀتي جو مطالبو ۽ ڌمڪين جو ملڻ تہ پَتو ڏي، نہ تہ اسان توهان جو ٻار اغوا ڪري ويندا سين يا توهان کي ماري ڇڏينداسين وغيره، يعني اِهو مال دنيا ۾ بہ تڪليف ۽ وبال جو سبب آهي. غريب ماڻهو تہ فٿ پاٿ تي بہ آرام سان سمهي پوندو آهي، جڏهن تہ مالدار ماڻهو گهر جي اندر دروازا بند ڪري بہ خوف ۾ مبتلا هوندو آهي تہ متان ڪجهہ ٿي نہ وڃي. بهرحال، هيءَ دنيا عبرت جي جاءِ آهي، هِن سان دل لڳائڻ سنو نہ آهي.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ وبُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے
جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

یہی تجھ کو دُھن ہے رہوں سب سے بالا
ہو زینت نرِالی ہو فیشن نرِالا
جِیا کرتا ہے کیا یونہی مرنے والا
تجھے حُسنِ ظاہر نے دھوکے میں ڈالا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

بڑھاپے سے پاکر پیامِ قضا بھی
نہ چوَنکا، نہ چیتا، نہ سنبھلا ذرا بھی
کوئی تیری غفلت کی ہے انتہا بھی
جُنوں کب تلک؟ ہوش میں اپنے آ بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

تجھے پہلے بچپن نے برسوں کھلایا
جوانی نے پھر تجھ کو مجنوں بنایا
بڑھاپے نے پھر آکے کیا کیا ستایا
اَجَل تیرا کر دے گی بِالکل صَفایا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

اي عاشقانِ رسول! ان کان اڳ جو اسان جي باري ۾ هي شور اُٿي ته: فلاڻي جو انتقال ٿي ويو آهي، هاڻي جلدي غسل ڏيڻ واري کي گهرايو. پوءِ غسال (يعني غسل ڏيڻ وارو) تختو کڻي ايندو، اسان کي غسل ڏنو ويندو، ڪفن پارايو ويندو ۽ پوءِ اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو ۽ ممڪن آهي ته اِهو سڀ ڪجهه اڄ ئي ٿي وڃي، ٿي سگهي ٿو ته سڀاڻي ئي ٿي وڃي. بهرحال، موت ته هر حال ۾ اچڻو آهي.

بارہا عِلمی تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان، آخر موت ہے

موت ڪان ڪنهن کي بہ ڇوٽڪارو نہ آهي. ڪاش! موت اچڻ ڪان پهريان ئي اسان مجي ونون ۽ جلدي جلدي توبهہ ڪري الله پاڪ جي رضا وارن ڪمن ۾ لڳي وڃون. دل ۾ الله پاڪ جو خوف وڌائڻ، ايمان جي حفاظت جو فڪر پيدا ڪرڻ، گناهن جي عادت ختم ڪرڻ، پاڻ کي سنتن جو پابند بڻائڻ، دل ۾ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شمع روشن ڪرڻ ۽ جنت الفردوس ۾ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪرڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن عاشقانِ رسول سان گڏ قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو ۽ نيڪ اعمال جي رسالي جي ذريعي روزانو پنهنجو محاسبو ڪري، هر انگريزي مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذميوار کي جمع ڪرائيندا رهو. الله پاڪ چاهيو تہ قبر ۽ آخرت جي تياري جو ذهن بڻجندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ درهم بہ ڪونہ هو

حضرت سيدنا عون بن مُعَمَّر رحمۃُ اللہِ علیہ جو بيان آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رحمۃُ اللہِ علیہ پنهنجي زوجہِ محترمہ کي فرمائڻ لڳا: فاطمہ! جيڪڏهن تو وٽ هڪ درهم هجي تہ مون کي ڏي، اڄ انگور کائڻ تي منهنجي دل ٿي چاهي. سندن گهر واريءَ عرض ڪيو: مون وٽ درهم ڪٿان آيا! ڇا اوهان امير المؤمنين هوندي بہ هڪ درهم جي بہ حيثيت نہ ٿا رکو؟ پاڻ (بيقرار ٿي) فرمايائون: انگور

نہ کائڻ، ان کان گهڻو آسان آهي تہ سپاٽي مان جهنم جي زنجيرن ۾ جڪڙيو وڃان (تاريخ الخلفاء، ص 188)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمۃُاللهِعليه جو خوفِ خدا مرحبا! انگور بيشڪ حلال ۽ پاڪ آهن، پر الله پاڪ جي نعمت آهن ۽ قيامت جي ڏينهن هر نعمت جو حساب ڏيڻو پوندو. پاڻ رحمۃُاللهِعليه آخرت جي خوف سبب انگور کائڻ کان باز رهيا. افسوس! اڄ اسان هڪ کان هڪ لذيذ نعمت کائي رهيا آهيون ۽ استعمال ڪري رهيا آهيون ۽ اڃان بہ وڌيڪ بهتر کان بهتر شيءِ جي تلاش ۾ هوندا آهيون، عاليشان گهر بہ ناڪافي لڳي رهيو هوندو آهي ۽ ان کان بہ وڏو ۽ عاليشان بنگلو (VILLA) حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ مگن رهندا آهيون.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جتي سورۃُالتکاثُر جون ٻيون آيتون غافل انسان کي جهنجهوڙي رهيون آهن، ان کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪري رهيون آهن اُتي هِن سورت جي آخري آيت مبارڪ خوفِ خدا رکڻ وارن کي بيقرار ڪري رهي آهي. جيئن الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾ (پارو: 30، سورۃ تکاثر: 8) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي باري ۾ پڇيو ويندو. |

## آيت مبارڪ جي تفسير ۾ ٿي قولَ

**(1):** حضرت عِڪرمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جڏهن هيءَ مبارڪ آيت نازل ٿي تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان وٽِ ڪهڙيون نعمتون آهن؟ اسان کي تہ جَوَن جي ماني بہ پيٽ ڀري نصيب نہ ٿيندي آهي! وحي نازل ٿي تہ: ڇا توهان بوٽ نہ پائيندا آهيو؟ ڇا ٿڌو پاڻي نہ پيئندا آهيو؟ اِهي بہ نعمتون آهن. **(2):** حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ذڪر ڪيل آيت جي تفسير ۾ فرمايو: جنهن ڪڻڪ جي ماني کاڌي ۽ فرات جو ٿڌو پاڻي پيتو ۽ ان کي رهڻ لاءِ گهر بہ هجي، هِي اهڙيون نعمتون آهن جن جي متعلق پڇاڻو ڪيو ويندو **(3):** جليل القدر تابعي بزرگ حضرت سيدنا امام مجاهد رحمۃُ اللہِ علیہ هن آيت مبارڪ جي باري ۾ فرمايو تہ: هن آيت مان دنيا جي هر لذت واري شيءِ مراد آهي.

(تفسير درّ منثور،پ30،التكاثر،تحت الآية:8، 8/612-613)

سورۃُ التکاثُر جي آخري آيت مبارڪ جي تفسير ۾ صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: الله پاڪ توهان کي جيڪي نعمتون عطا ڪيون آهن، جهڙوڪ صحت، خوشحالي، امن، آرام، مال وغيره، جن مان توهان دنيا ۾ لذت حاصل ڪندا هئا انهن بابت پڇيو ويندو تہ انهن نعمتن کي ڪهڙن ڪمن ۾ خرچ ڪيو؟ انهن جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟ ۽ ترڪِ شڪر تي عذاب ڏنو ويندو. (تفسير خزائن العرفان،پ30،التكاثر، تحت الآية:8، ص1118)

## نعمتن جا ٻہ قسم ۽ آخرت جا سوال

مشهور مفسر حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي سورةُالتڪاثُر جي آخري آيت جي تفسير ۾ هي بہ آهي تہ نعمتون ٻن قسمن جون آهن: **(1): ڪَسبي نعمتون:** (يعني پنهنجي ڪوشش سان حاصل ڪيل نعمتون جهڙوڪ مناڀون، لذيذ ڪاڌا، ٿڌا مشروب، سٺا ڪپڙا، دولت، حڪومت وغيره) جي باري ۾ ٽي سوال ڪيا ويندا. (1) اُهي نعمتون ڪٿان حاصل ڪيون؟ (2) انهن کي ڪٿي خرچ ڪيو؟ (3) انهن جو ڪهڙو شڪر ادا ڪيو؟ **(2) وهبي نعمتون** (يعني الله پاڪ جي طرفان عطا ڪيل اُهي نعمتون جن کي حاصل ڪرڻ ۾ ٻانهي جي پنهنجي ڪوشش جو ڪو دخل نہ هوندو آهي، جهڙوڪ: چنڊ، سج، هٺ، پير، اکيون، ڪن وغيره) جي باري ۾ ٻہ سوال ڪيا ويندا: (1): انهن کي ڪٿي استعمال ڪيو؟ (2): انهن جو ڪهڙو شڪريو ادا ڪيو؟

(تفسير نور العرفان،پ30،التڪاثر،تحت الآية:8، ص956)

## هاءِ! عمدا ۽ لذيذ ڪاڌا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي وڏي خوف جي ڳالهہ آهي. اڄ اسان بهترين ۽ لذيذ کان لذيذ کاڌن ۽ نعمتن جا حريص بڻيل آهيون، پر قبر ۾ ڪيڙن جي خوراڪ بڻجڻ ۽ آخرت جي حساب ۾ ڦاسي پوڻ جي انديشي کي وساري وينا آهيون. اسان کي بهتر کان بهتر ۽ لذيذ کاڌو گهرجي ۽ اُهو بہ گرم هجي. هڪ تہ بهترين کاڌو بذاتِ خود پاڻ هڪ نعمت آهي ۽ وري ان جو گرم هجڻ نعمت مٿان نعمت آهي، سادي چانهہ مان بہ گذارو نہ ٿيندو آهي، کير واري چانهہ هجي ۽ اُها بہ مني ۽ گرم گرم هجي. اهڙيءَ طرح اسان جي رڳو هڪ چانهہ ئي

ڪيترين نعمتن جو مجموعو بڻجي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح حلوا پوريون، پيزا، پراٺا، مختلف قسمن جون مٺايون، طرح طرح جا تازا ميوا، خشڪ ميوا (يعني ڊراءِ فروٽ)، مزيدار فالودا، ٿڌا، مٺا ۽ لذيذ شربت، بادام ۽ پستن وارو شير خرما، ٿڌيون بوتلون **(Cold Drinks)**، آئس ڪريم، مکڻ، ملائي، ڪسٽرڊ، ڪباب، سموسا، گرم گرم پڪوڙا، تريل مڇي، تريل چاپون، تندوري ران، چڪن تِڪا، سيخ ڪباب، برگر ۽ نہ ڄاڻ الائي ڇا ڇا اسان جو لالچي نفس طلب ڪندو ۽ کائيندو پيئندو رهندو آهي. جيتوڻيڪ ذڪر ڪيل سڀئي شيون کائڻ حلال آهن، پر انهن جي باري ۾ ۽ ٻين سمورين نعمتن جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن سوال ڪيو ويندو. ڪاش! اسان جو کائڻ پيئڻ وارو نفس قابو ۾ اچي وڃي.

ڪاش! فقط تفريح ۽ لذت حاصل ڪرڻ لاءِ کائڻ پيئڻ جي عادت مان اسان جي جانِ آجي ٿي وڃي.

## مال کائڻ جا شوقين غور فرمائن

اسان ڪجهه مٺن جي لذت خاطر ڪيڏو نہ وڏو خطرو کڻي رهيا آهيون، ان ڳالهہ کي هن روايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي 504 صفحن تي مشتمل ڪتاب منهاج العابدين جي صفحي 141 تي حجةُ الاسلام حضرت سيدنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منقول آهي تہ: بيشڪ موت جي وقت سڪرات جي تڪليف دنيا جي لذتن مطابق آهي، يعني جنهن دنيا ۾ جيتريون وڏيڪ

لذتون ماڻيون هونديون ان کي سڪرات جي تڪليف بہ اوتري وڏيڪ ٿيندي. (منهاج العابدين،ص185بتغيرِ قليلِ)

## سڪرات جي تڪليفن جي جهلڪ

سڪرات جي تڪليفن کي بيان ڪندي حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي رحمۃُ اللہِ علیہ لکن ٿا تہ: موت دنيا ۽ آخرت جي سمورين خوفناڪ شين کان وڌيڪ خوفناڪ آهي. اِهو آرِيءَ جي چيرڻ کان، قينچي جي ڪٽڻ کان ۽ ديڳڙيءَ جي اُبرڻ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي. جيڪڏهن مُردو جِيئرو ٿي ماڻهن کي موت جون سختيون ٻڌائي سگهي ها، تہ ماڻهن جو عيش، آرام ۽ ننڊ سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ها. (شرح الصدور،ص33)

ڪاش کے نہ دنیا میں پیدا ہوا ہوتا — قبر و حشر کا ہر غم خَتم ہو گیا ہوتا
جاں کَنی کی تکلیفیں ذَبح سے ہیں بڑھ کر کاش! — مُرغ بن کے طیبہ میں ذَبح ہو گیا ہوتا
آہ! کثرتِ عِصیاں ہائے! خوف دوزخ کا — کاش! میں نہ دنیا کا اِک بَشَر بنا ہوتا
شور اُٹھا یہ مَحشَر میں خُلد میں گیا عطّار — گر نہ وہ بچاتے تو نار میں گیا ہوتا

(وسائلِ بخشش ،ص158)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نعمتن جي حساب جي باري ۾
## 9 لرزه خيز فرامينِ مصطفيٰ

فاني لذتن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ دنيا جي نعمتن سبب ٿيڻ واري آخرت جي حساب کان پاڻ کي ڊيڄارڻ جي لاءِ دل دهلائڻ وارا 9 فرامينِ

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو: **(1)** جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ الله پاڪ پنهنجن ٻانهن مان هڪ ٻانهي کي گهرائي پنهنجي اڳيان بيهاريندو ۽ ان کان ان جي مانَ ۽ مرتبي جي متعلق ائين ئي سوال ڪندو جيئن سندس مال جي باري ۾ سوال فرمائيندو. (معجم اوسط، 140/1، حديث:448) **(2):** ٻانهو جيڪو بہ قدم کڻندو آهي تہ ان کان قيامت جي ڏينهن ان جي باري ۾ پڇيو ويندو تہ اهو قدم ڇو کنيو هو؟ (تاريخ ابن عساڪر، 54/6، حديث:1405) **(3)** قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان ٻانهي کان پڇيو ويندو تہ ڇا مان تنهنجو جسم تندرست نہ رکيو هو؟ ڇا مان توکي ٿڌو پاڻي نہ پياريو هو؟ (يعني تون انهن نعمتن جا حق ادا ڪيا يا نہ؟) (مستدرڪ ،191/5، حديث:7285) **(4)** مالڪ ۽ مملُوڪ (يعني غلام) کي ۽ زوج ۽ زوجہ (يعني مڙس ۽ زال) کي حاضر ڪيو ويندو، پوءِ انهن کان حساب ورتو ويندو. ايتري قدر جو مرد کي چيو ويندو تہ تو فلاڻي فلاڻي ڏينهن لذت سان پاڻي پيتو هو ۽ مڙس کي چيو ويندو تہ فلاڻي عورت سان نڪاح ڪرڻ جا ٻيا بہ گهڻا خواهشمند هئا، پر تون ان سان نڪاح جي طلب ڪئي تہ مان ٻين کي ڇڏي ان عورت سان تنهنجو نڪاح ڪرايو. (ڇا تو ان نعمت جو حق ادا ڪيو؟) (مجمع الزوائد،633/10،حديث:18390) **(5):** قيامت جي ڏينهن مؤمن کان هر عمل جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو، ايسيتائين جو ان کان پنهنجين اکين ۾ سرمو پائڻ بابت بہ سوال ڪيو ويندو. (حلية الاولياء،31/10،حديث:14406مختصراً) **(6):** ٻانهو جيڪو خطبو ڏيندو آهي، (يعني جيڪو واعظ يا بيان ڪندو آهي) ان جي متعلق بہ ڪانئس پڇاڻو ڪيو ويندو تہ هن بيان ڪرڻ مان تنهنجو مقصد ڪهڙو هو؟ (موسوعہ لابن ابی الدنيا،294/7،حديث:514) (مبلغ ۽ مقرر غور فرمائن تہ سندن بيان ڪرڻ جو مقصد الله پاڪ جي رضا ۽ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ هو يا بيان جي تعريف ۽ واهہ

واهہ جي خواهش يا شهرت يا دولت حاصل ڪرڻ؟) **(7)** جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي دعوت ڏيندو تہ قيامت جي ڏينهن ان کي اُن دعوت واري شيءِ سان گڏ بيهاريو ويندو، چاهي هڪ ماڻهوءَ کي ئي دعوت ڇو نہ ڏني هجي! (ابنِ ماجہ،137/1،حديث:208) (هن روايت ۾ اخلاص ڏانهن اشارو آهي، يعني نيڪيءَ جي دعوت خالص اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ هئي يا ان جو ڪو ٻيو مقصد هو؟ انفرادي ڪوشش ڪرڻ وارا مبلغ بہ غور فرمائن) **(8):** قسم آهي ان ذات جو، جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جانِ آهي! قيامت جي ڏينهن جن نعمتن بابت توهان کان سوال ڪيو ويندو، اُنهن ۾ ٿڌي ڇانوَ، سنيون ڪجورون ۽ ٿڌو پاڻي شامل آهي. (ترمذی ، 163/1، حديث:2376مختصراً) **(9):** قيامت جي ڏينهن هر غني ۽ فقير (يعني امير ۽ غريب) اِها تمنا ڪندو تہ ڪاش! دنيا ۾ مون وٽ رڳو طاقت هجي ها. (يعني فقط ايترو کاڌو ميسر هجي ها جنهن سان صرف زندگي بچي سگهي ها، ان کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هجي ها) (ابنِ ماجہ ،442/4،حديث:4140)

## نعمتن جي حساب متعلق بزرگانِ دين جا 3 اقوال

**(1):** حضرت سيدنا عبداللّٰه بن عمير رحمۃُ اللّٰہِ عليہ فرمايو: جيترو مال وڌيڪ هوندو، اوترو حساب بہ وڌيڪ ٿيندو. (البدور السافرة فی امور الآخرة، ص264،قول:774) **(2):** حضرت سيدنا ابوذر رضی اللّٰہ عنہ فرمايو: قيامت جي ڏينهن هڪ درهم واري جي پيٽ ۾ ٻن درهمن واري جو حساب وڌيڪ سخت ٿيندو. (الزہد للامام احمد بن حنبل، ص121،حديث:797) **(3):** جليل القدر تابعي بزرگ سيدنا معاويہ بن قُرّہ رحمۃُ اللّٰہِ عليہ فرمايو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان سخت حساب ان شخص کان ٿيندو، جيڪو تندرست ۽ خوشحال هوندو. (تاريخ ابن عساڪر،271/59)

صدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لَجائے کو لَجانا کیا ہے

(حدائقِ بخشش،ص171)

**ڏکين لفظن جي معنيٰ:** صدقہ: وسيلو، بے پوچھے: بغير حساب ڪتاب جي، لجائے: شرمندو ڪرڻ.

**شرح ڪلامِ رضا:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ هن شعر ۾ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪري رهيا آهن تہ: اي الله پاڪ! توکي تنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شرم ۽ حياءَ جو واسطو، منهنجي محشر ۾ بغير حساب ڪتاب جي بخشش فرماءِ. مان تہ پنهنجن گناهن تي اڳ ۾ ئي شرمندو آهيان، منهنجن عملن جو حساب وٺي مون کي وڌيڪ شرمندو نہ ڪر.

اِمتحاں کے کہاں قابل ہوں میں پیارے اللہ
بے سبب بَخْش دے مولیٰ ترا کیا جاتا ہے

(وسائلِ بخشش،ص432)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 سالن تائين حساب ڪتاب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! آخرت جي حساب جو معاملو نهايت سنگين آهي. عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ حڪايت پيش ڪئي پئي وڃي، پڙهو ۽ پنهنجي دل ۾ خوف پيدا ڪريو. حضرت سيدنا عبدالله بن عمرو بن عاص رضی اللہ عنہما فرمائن ٿا تہ: اُمت جي نظام جي

ناظرِ خوف ۽ خشيت جي مالڪ امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جي وصال کان پوءِ مون کي سندن آخرت جي حالتن بابت ڄاڻڻ جي تمام گھڻي خواهش هئي. هڪ ڏينهن مون خواب ۾ هڪ محل ڏٺو تہ مون پڇيو: هي محل ڪنهن جو آهي؟ فرشتي جواب ڏنو: هي محل حضرت عمر بن خطاب رضی اللہ عنہ جو آهي. ايتري ۾ سيدنا عمر رضی اللہ عنہ ان محل مان ان حالت ۾ ٻاهر تشريف ڪٺي آيا جو سندن مٿان هڪ چادر هئي جڻ تہ هاڻي هاڻي غسل ڪري آيا هجن. مون عرض ڪيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ پاڻ جواب ڏيندي فرمايائون: سٺو معاملو فرمايو. پوءِ مون کان پڇيائون: مون کي توهان کان جدا ٿئي ڪيترو عرصو گذريو آهي؟ مون عرض ڪيو: 12 سال. پاڻ فرمايائون: هاڻي وڃي حساب ڪتاب کان فارغ ٿيو آهيان. (تاريخ ابنِ عساکر، 483/44)


الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جُرم دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حِجاز کا

(ذوقِ نعت،ص18)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net